رسالو نمبر:93

# اِستِنجا جو طريقو


آبِ زَم زَم سان استنجاء ڪرڻ ڪيئن آهي؟ 5

استنجا جي پٿرن جا احڪام 8

رفع حاجت جي لاءِ ويهڻ جو طريقو 12

ٽائيلٽ پيپر سان پيدا ٿيندڙ بيماريون 13

بيت الخلا ۾ وڃڻ جون 47 نيتون 17



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه


مدني چينل ڏسندا رهو


مكتبة المدينه (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# استنجا جو طريقو

هي رسالو شروع کان آخر تائين پورو پڙهو، قوي امڪان آهي جو اوهان جون ڪيتريون ئي غلطيون توهان جي سامهون اچي وڃن .

## درود شريف جي فضيلت

سرڪارِ نامدار، مَدينِي جا تاجدار، حَبيب پَروَردگار، شَفِيع روزِ شُمار، جنابِ احمد مُختار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جو ارشاد نُور بار آهي: توهان پنهجي مَجلسن کي درود پاڪ پڙهي آراسته ڪيو (يعني سينگاريو) ڇوته توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ قِيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص280 حديث 4580)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عذاب ۾ گهٽتائي ٿي وئي

حضرت سَيِّدنا ابن عباس رضی اللہ تعالیٰ عنہ کان مَروِي آهي رسولِ مُحتَشَم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بَني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم ٻن قبرن وٽان گذريا (ته غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو: ٻنهي قبر وارن کي عذاب ڏنو پيو وڃي ۽ ڪنهن وڏي شيء (جنهن کان بچڻ مشڪل هجي) ڪارڻ عذاب نه پيو ڏنو وڃي، بلڪ هڪ ته پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچندو هو ۽ ٻيو چُغل خوري ڪندو هو، پوءِ پاڻ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ڪجي جي تازي ٽاري گهرائي ۽ ان ڪي وچ مان ٻه ٽڪر ڪري هر هڪ جي قبر تي هڪ هڪ حصو لڳايو ۽ فرمايو: جيستائين اهي خشڪ نه ٿي وڃن تيستائين ٻنهي جي عذاب ۾ گهٽتائي ٿيندي . (سنن نسائي ص13حديث31 صحيح بخاري ج1 ص95 حديث216)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# استنجا جو طريقو

۞ استنجا خانن ۾ شيطان ۽ جنّ رهندا آهن جيڪڏهن وڃڻ کان پهرين بِسمِ اللهِ پڙهي وڃي ته ان جي برڪت سان اهي اوگهڙ نه ڏسي سگهندا، حديث پاڪ ۾ آهي: جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن پاخاني لاءِ وڃي ته بِسمِ اللهِ چوي. (سنن ترمذي ج 2 ص113 حديث606) يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عزوجل جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جنّ ان کي ڏسي نه سگهن. (مرآۃالمناجيح ج1ص268) ۞ استنجاخانن ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين بِسمِ اللهِ پڙهو، بلڪ بهتر اهو آهي هيءَ دعا پڙهو (اول ۽ آخر درود شريف)

بِسمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَعُوذُ بِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ
(كِتابُ الدّعاء لِلطّبَراني حديث 357 ص132)

ترجمو: الله عزوجل جي نالي سان شروع ياالله آئون ناپاڪ جنّن (نر ،مادي) کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

۞ پوءِ پهرين کاٻو قدم استنجاخاني ۾ رکي داخل ٿيو ۞ مٿو ڍڪي استنجا ڪيو ۞ مٿي اگهاڙو استنجا خاني ۾ داخل ٿيڻ منع آهي ۞ جڏهن پيشاب ڪرڻ يا قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهو ته منهن يا پُٺي ٻنهي مان ڪوبه قِبلي ڏانهن نه هجي جيڪڏهن ڀُل ۾ قبلي ڏانهن مُنهن يا پُٺ ڪري ويهي رهيا ياد اچڻ تي هڪدم قبلي کان رُخ بدليو جو گهٽ مان گهٽ 45 ڊگري ٻاهر ٿي وڃو، اميد آهي انهي سبب فورًا ان جي مَغفِرت ۽ بخشش ٿي ويندي ۞ ٻارن کي به قِبلي ڏانهن منهن يا پُٺ ڪرائي پيشاب يا پاخانو نه ڪرايو، جيڪڏهن ڪنهن ائين ڪيو ته اهو گنهگار ٿيندو ۞ جيستائين قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهڻ ويجهو نه ٿيو ڪپڙو بدن تان نه لاهيو ۽ نه ئي حاجت کان وڌيڪ بدن ظاهر ڪيو ۞ پوءِ پيرن کي ڪشادو ڪري کاٻي پير تي زور ڏئي ويهو، ائين وڏي آندي جو منهن کلي ٿو ۽ اِجابت آساني سان ٿيندي آهي ۞ ڪنهن ديني مسئلي تي غور نه ڪيو اهو محرومي جو سبب آهي ۞ انهي وقت ڇِڪ ۞ سلام يا ۞ اذان جو جواب زبان سان نه ڏي ۞ جيڪڏهن پاڻ کي ڇِڪ اچي ته زبان سان اَلحَمدُلِلّٰہِ نه چوي، دل ۾ چئي ڇڏي ۞ ڳالهه ٻولهه نه ڪري ۞ پنهنجي شرمگاهه ڏانهن نه ڏسي ۞ انهي نجاست ڏانهن به نه ڏسي جيڪا بدن مان نڪتي آهي ۞ جاٽي واٽي دير تائين

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

استنجا خاني ۾ نہ ويهي جو بواسير(يعني موڪن جي بيماري) ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ پيشاب ۾ نہ ٿُڪي، نہ نڪ صاف ڪري، نہ بلا ضرورت ڪنگهي، هر هر هيڏانهن هوڏانهن نہ نهاري، نہ بدن تي هٿ گهمائي، نہ آسمان ڏانهن نگاهه ڪري بلڪ شرم وچان مٿو جهڪائي ويهي ۞ قضاءِ حاجت کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پهرين پيشاب جي جاءِ ڌوئي پوءِ پاخاني واري جاءِ ۞ پاڻي سان استنجا ڪرڻ جو مُستَحَب طريقو اهو آهي تورو ڪشادو ويهي ساڄي هٿ سان آهستہ آهستہ پاڻي وهائي ۽ کابي هٿ جي آڱرين جي پيٽ سان نَجاست جي جاءِ ڌوئي، آڱرين جو مُنڍ نہ لڳي پهرين وچين آڱر مٿي رکي پوءِ برابر واري ان کانپوءِ ننڍي آڱر مٿي رکي، ڪؤنرو يا لوٽو مٿانهين جاءِ تي رکي تہ جيئن ڇنڊا نہ پون، ساڄي هٿ سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي ڌوئڻ ۾ مُبالغو ڪري يعني ساهہ جو دٻاؤ هيٺانهون ڏانهن ڪري ايستائين جو نَجاست جي جاءِ چڱي طرح ڌوپجي وڃي ۽ سڻڀ جو اثر باقي نہ رهي جيڪڏهن روزي سان هجي تہ پوءِ مبالغو نہ ڪري ۞ پاڪائيءِ حاصل ٿيڻ کان پوءِ هٿ بہ پاڪ ٿي ويا پوءِ بہ صابڻ وغيره سان ڌوئيو. (بهار شريعت ج 1 ص408تا413 ردالمحتار ج 1ص 615 وغيره) جڏهن استنجا خاني مان نڪرو تہ پهرين ساڄو قدم ٻاهر ڪڍي، ٻاهرنڪرڻ کانپوءِ (اول آخر ساڻ دُرود شريف) اها دعا پڙهي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَذْهَبَ عَنِّی الْاَذٰی وَعَافَانِیْ

(سنن ابن ماجہ ج 1ص193 حديث 301)

ترجمو : الله تعالي جو شڪر آهي جنهن مون کان تڪليف واري شي پري ڪئي ۽ مون کي عافيت (يعني راحت) بخشي.

بهتر اهو آهي هي دعا بہ گڏ ملايو انهيءَ طرح ٻن حديثن تي عمل ٿي ويندو غُفْرَانَکَ ترجمو: آئون الله عَزَّوَجَلَّ کان مَغفِرت جو سوال ڪيان ٿو . (سنن ترمذي ج 1ص87 حديث7)

صَلُّو عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آبِ زَم زَم سان استنجاءَ ڪرڻ ڪيئن آهي ؟

۞ زَم زَم شريف سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي ۽ پٿر نہ ورتو تہ ناجائز (بهار شريعت ج 1 ص413) ۞ وضو جي بچيل پاڻي سان طهارت ڪرڻ خلاف اوليٰ آهي، (ايضاً) ۞ طهارت جي بچيل پاڻي سان وضو ڪري سگهو ٿا، ڪجھہ ماڻهو ان کي اڇلائي ڇڏيندا آهن ائين نہ ڪرڻ گهرجي اهو اسراف آهي. (ايضاً)

## استنجا خاني جو رخ درست رکو

جيڪڏهن خدانخواستہ اوهان جي گهر جي استنجا خاني جو رُخ غلط آهي يعني ويهڻ مهل قِبلي ڏانهن منهن يا پٺ ٿئي ٿي تہ ان کي درست ڪرائڻ جي فورًا ترڪيب ڪيو. پر اهو ذهن ۾ رهي تہ معمولي پاسيرو ڪرڻ ڪافي ناهي . W.C ائين هجي جو ويهڻ مهل مُنهن يا پُٺي قبلي کان 45 ڊگري ٻاهر هجي . آساني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودپاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

انهيءَ ۾ آهي قبلي کان 90 ڊگري جي رخ تي هجي يعني نماز ڪانپوءِ ٻنهي پاسي سلام ڦيرڻ ۾ منهن جنهن پاسي ڪندا آهيون انهي ٻنهي پاسن ۾ ڪنهن هڪ پاسي W.C جو رخ رکو.

## استنجا کان پوءِ پير ڌوئو

پاڻي سان استنجا ڪرڻ وقت عمومًا پيرن جي ڀيڏين تي ڦهنگيون پونديون آهن، تنهنڪري احتياط انهي ۾ آهي فراغت ڪانپوءِ پيرن جي انهن حصن کي ڌوئي پاڪ ڪريو پر اهو خيال رهي ڌوئڻ مهل پنهنجي ڪپڙن يا ٻين شين تي ڦهنگيون نه پون.

## سوراخ ۾ پيشاب ڪرڻ

رحمت وارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا، شافِعِ رَوزِ جَزا، مکي مدني مصطفيٰ، محبوب ڪبريا صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جو فرمان شَفقَت نشان آهي: توهان مان ڪو شخص سوراخ ۾ پيشاب نه ڪري.
(سنن نسائي ص14 حديث 34)

## جن شهيد ڪري ڇڏيو

مُفَسِّر شَهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن فرمائن ٿا: جُحر مان مراد زمين جو سوراخ آهي يا ديوار جي ڦوٽ (يعني دَرز)، جيئن ته اڪثر سوراخن ۾ زهريلا جانور (يا) ڪوليون وغيره ڪمزور جيت يا جنّ رهندا آهن، ڪولين کي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

پيشاب يا پاڻي سان تڪليف ٿيندي يا نانگ يا جنّ نڪري اسان کي تڪليف ڏين، انهي ڪري اتي پيشاب ڪرڻ منع فرمايو آهي. (حضرت سَيِّدنا) سَعْد ابن عُباده انصاري (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) جي وفات انهي ڪري ٿي جو پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ هڪ سوراخ ۾ پيشاب ڪيو، جنّ نڪري ڪري پاڻ رضی اللہ تعالیٰ عنہ کي شهيد ڪري ڇڏيو. ماڻهن انهي سوراخ مان اهو آواز ٻُڌو:

نَحْنُ قَتَلْنَا سَيِّدَ الْخَزْرَجِ سَعْدَ بْنِ عُبَادَه وَرَمَيْنَاهُ بِسَهْمٍ فَلَمْ نُخْطِ فُؤَادَه

ترجمو: يعني اسان خزرج قبيلي جي سردار سَعد بن عُباده (رضی اللہ تعالیٰ عنہ) کي شهيد ڪيو ۽ اسان (اهڙو) تير هنيو جيڪو انهن جي دل جي آرپار ٿي ويو. (مراۃ ج 1ص 267، مرقاۃ ج2 ص72، اشعۃاللمعات ج 1ص220)

**الله رب العزت عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي . آمين بجاه النبي صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم**

# حمام ۾ پيشاب ڪرڻ

سرڪار مدينۂ منوره، سردار مڪۂ مڪرمہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن فرمايو: ڪو بہ غسل خاني ۾ پيشاب نہ ڪري، پوءِ ان ۾ وهنجي يا وضو ڪري جو اڪثر وسوسا انهي ڪري ٿيندا آهن. (ابوداؤد ج 1ص 44 حديث 27) مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان علیہ رحمۃ الرحمٰن انهي حديث تحت فرمائن ٿا: جيڪڏهن غسل خاني جي زمين پڪي ۽ ان ۾ پاڻي خارج ڪرڻ واري نالي بہ آهي تہ اتي پيشاب ڪرڻ ۾ حرج ناهي، جيتوڻيڪ بهتر اهو آهي تہ نہ ڪري پر

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

جيڪڏهن زمين ڪچي هجي، ۽ پاڻي نڪرڻ جو رستو به نه هجي ته پيشاب ڪرڻ سخت بُرو آهي ڇوته زمين نَجس (يعني ناپاڪ) ٿي ويندي، ۽ غسل يا وضو ۾ گندو پاڻي جسم تي پوندو. حديث ۾ بہ صورت مراد آهي تنهن ڪري تاڪيد ڪندي منع فرمائي وئي، يعني انهي سان وسوسن ۽ وهم جي بيماري پيدا ٿيندي آهي جيئن ته تجربو آهي، يا گندين ڦهنگين پوڻ ڪري وسوسو پيدا ٿيندو آهي . (مراٰة ج1 ص 266)

## استنجا جي پٿرن جا احڪام

۞ اڳيان يا پويان کان جڏهن نجاست نڪري ته پٿر سان استنجا ڪرڻ سنّت آهي، ۽ جيڪڏهن صرف پاڻي سان پاڪائي حاصل ڪئي ته اهو به جائز آهي، پر مُستَحَب اهو آهي ته (پٿر سان) وٺ ڪرڻ کان پوءِ پاڻي سان طهارت ڪري ۞ اڳيان ۽ پويان کان پيشاب، پاخاني کان علاوه ڪا ٻي نجاست مثلاً خون، پَونء وغيره نڪري، يا انهيءَ جڳهه تي خارج کان نجاست لڳي وڃي ته به پٿر سان صاف ڪرڻ سان طهارت ٿي ويندي، جڏهن ته انهي جڳهه کان ٻاهر نه هجي پر ڌوئڻ مُستَحَب آهي ۞ پٿرن جي ڪا مُعَيَّن (يعني مقرر) تعداد سنّت ناهي، بلڪ جيترن کان صفائي ٿئي، جيڪڏهن هڪ سان صفائي ٿي ته سنّت ادا ٿي وئي ۽ جيڪڏهن ٽي پٿر ورتا ۽ صفائي نه ٿي ته سنّت ادا نه ٿي، البت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

مستحب اهو آهي اکي (مثلاً هڪ، ٽي، پنج) هجن جيڪڏهن هڪ يا ٻہ سان ٽي وئي تہ ٽي جي ڳڻپ پوري ڪري ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٽي هجن هڪ يا ٻہ سان صفائي ٿي وئي تہ ٽي جي ڳڻپ پوري ڪري ۽ جيڪڏهن چار سان صفائي ٿي تہ هڪ ٻيو وٺي، تہ اکي ٿي وڃن ۞ پٿرن سان طهارت انهي وقت ٿيندي جڏهن نجاست مَخرَج (خارج ٿيڻ جي جڳهہ) جي آس پاس هڪ درهم[1] کان وڌيڪ لڳل نہ هجي جيڪڏهن درهم کان وڌيڪ پکڙيل هجي تہ ڌوئڻ فرض آهي، پر پٿر وٺڻ هاڻي بہ سنّت آهي ۞ ڪکرو، پٿر، ڦاٽل ڪپڙو، اهي سڀ پٿر جي حڪم ۾ آهن، انهن سان صاف ڪرڻ بنا ڪَراهت جي جائز آهي (ڦاٽل ڪپڙو يا درزي جي بي قيمت ڪَتر بهتر اهو آهي سوٽي (Cotton) هجي تہ جيئن جلد جذب ڪري) ۞ هڏي، ڪاڌي، ڇيڻي (گوبر)، پچيل سر، ٺڪري، شيشو، ڪوئلو ۽ جانورن جي چاري ۽ اهڙي شيء جنهن جي ڪجهہ قيمت هجي، چاهي روپيو، اٺ آنا سهي انهن شين سان اِستِنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي ۞ ڪاغذ سان استنجا ڪرڻ منع آهي، جيتوڻيڪ ان تي ڪجهہ بہ نہ لکيل هجي، يا ابوجهل جهڙي ڪافر جو نالو لکيل هجي ۞ ساڄي هٿ سان استنجا ڪرڻ مڪروهہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن جو کاٻو هٿ بيڪار ٿي ويو تہ ان کي ساڄي هٿ سان جائز آهي ۞ جنهن پٿر سان هڪ دفعي استنجا ڪيو ٻيهر ان کي

(1) درهم جي مقدار مڪتبة المدينہ جي بهار شريعت جلد 1 ص 389 تي ڏسو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

ڪتب آڻڻ مڪروهه آهي، پر ٻيو پاسو جيڪڏهن صاف هجي ته ان سان ڪري سگهو ٿا ۞ مرد جي پوئين جڳهه لاءِ پٿر جي استعمال جو طريقو اهو آهي اونهاري ۾ پهريون پٿر اڳيان کان پويان وٺي وڃو، ٻيو پويان کان اڳيان ۽ ٽيو اڳيان کان پويان ۞ سياري ۾ پهريون پٿر پويان کان اڳيان، ٻيو اڳيان کان پويان، ۽ ٽيو پويان کان اڳيان وٺي وڃو ۞ پاڪ پٿر ساڄي پاسي رکڻ ۽ ڪم آڻڻ کانپوءِ کاٻي پاسي ائين رکو جو نجاست لڳل پاسو هيٺ هجي، هيءَ مُستَحَب آهي (بهار شريعت ج 1 ص 410 تا 412، عالمگيري ج1ص50،48) ۞ ٽائليٽ پيپر استعمال ڪرڻ جي عالم سڳورن اجازت ڏني آهي ڇو ته اهو انهي مقصد لاءِ ئي بنايو ويو آهي ۽ لکڻ جي ڪم ناهي ايندو البت بهتر مٽي جو پٿر آهي .

## پٿر ۽ سائنسي تحقيق

هڪ تحقيق مطابق مٽي ۾ نوشادر (AMMONIUM CHLORIDE) ۽ ڏپ ختم ڪرڻ جا بهترين اَجزا موجود آهن . پيشاب ۽ فُضلو جراثيم وارو هوندو آهي ان جو انساني بدن تي لڳڻ نقصان ده آهي. ان جا اجزاء بدن تي رهي چنبڙي وڃڻ جي صورت ۾ مختلف بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي "ڊاڪٽر هلوڪ" لکي ٿو: استنجا جي مٽي جي پٿر سائنسي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي مٽي جا تمام اجزاء جراثيم جا قاتل هوندا آهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرُودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

لهٰذا مٽي جي پٿر جي استعمال سان پردي جي جڳهه تي موجود جراثيم جو خاتمو ٿي ويندو آهي بلڪ ان جو استعمال ”پردي جي جڳهه جي ڪينسر“ (Cancer of Penis) کان بچائيندو آهي.

## پوڙهي ڪافر ڊاڪٽر جو انڪشاف

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** سنّت جي مطابق قضاءِ حاجت ڪرڻ ۾ آخرت جي سعادت ۽ دنيا ۾ بيمارين کان حفاظت آهي. ڪافر به اسلامي طريقن جو نه چاهيندي به اقرار ڪندا آهن. ان جي هڪ جهلڪ انهي حڪايت ۾ ملاحظ فرمايو: فزيالوجي جي هڪ سينئر پروفيسر جو بيان آهي: مان انهن ڏينهن ۾ مراڪش ۾ هيس، مون کي بخار ٿي پيو، دوا جي لاءِ هڪ غير مسلم پوڙهي تجربيڪار ڊاڪٽر وٽ پهتس، ان پڇيو: ڇا مسلمان آهين؟ مون چيو: ها مسلمان آهيان ۽ پاڪستاني آهيان. اهو ٻڌي چيائين: جيڪڏهن توهان جي پاڪستان ۾ هڪ طريقو جيڪو توهان جي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ٻڌايل آهي زنده ٿي وڃي ته پاڪستاني گهڻين بيمارين کان بچي ويندا! مون حيرت سان پڇا ڪئي! اهو ڪهڙو طريقو آهي؟ چيائين: جيڪڏهن قضاء حاجت جي لاءِ اسلامي طريقي مطابق ويهن ته اپنڊڪس (Appendiciitis) دائمي قبض، بواسير ۽ گردن جون بيماريون نه ٿينديون .

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

## رفع حاجت جي لاءِ ويهڻ جو طريقو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً اوهان بہ ڄاڻڻ چاهيندا تہ اهو ڪرشماتي طريقو ڪهڙو آهي، تہ ٻڌو! حضرت سَيِّدنا سُراقہ بن مالڪ رضی الله تعالیٰ عنه فرمائن ٿا: اسان کي تاجدار رسالت، محبوب ربُّ العِزّت، سَراپا عظمت ۽ شرافت صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم حڪم ڏنو تہ اسين رَفعِ حاجت جي وقت کابي پير تي وزن ڏيون ۽ ساڄو پير بيهاريون . (مجمع الزوائد ج 1ص 488 حديث1020)

## کابي پير تي زور ڏيڻ جي حڪمت

رَفعِ حاجت جي وقت اوڪڙو ويهي ساڄو پير بيهاري يعني پنهنجي اصلي حالت تي (Normal) رکي کابي پير تي وزن (يعني زور) ڏيڻ سان وڏو آندو جيڪو کابي پاسي هوندو آهي ان ۾ فضلو هوندو آهي ان جو منهن چڱي نموني کلي پوندو آهي ۽ آساني سان فراغت ٿيندي آهي ۽ پيٽ سٺي نموني صاف ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن پيٽ صاف ٿي ويندو تہ گهڻين بيمارين کان حفاظت رهندي .

## ڪرسيءَ نما ڪموڊ

افسوس! اڄڪلهہ استنجا جي لاءِ ڪموڊ (Commode) عام ٿيندو پيو وڃي، انهي تي ڪرسي وانگر ويهڻ سبب ٽنگون پوري طرح کلنديون ناهن، اوڪڙو ويهڻ جي ترڪيب نہ هجڻ

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

سبب ڪاٻي پير تي وزن ٻه ٽئو ڏئي سگهجي ۽ ائين آنڊن ۽ معدي تي زور ناهي پوندو تنهن ڪري فراغت ٻه صحيح نه ٿي ٿئي، ڪجهه نه ڪجهه فضلو آنڊي ۾ باقي رهجي ويندو آهي جنهن سبب آنڊي ۽ معدي جي مختلف بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي ڪموڊ جي استعمال سان اَعصابي تناؤ (ڇڪ) پيدا ٿيندو آهي. حاجت ڪانپوءِ پيشاب جا قطرا ڪرڻ جو انديشو ٻه رهندو آهي .

## پردي جي جڳهه جو ڪينسر

ڪموڊ ۾ پاڻي سان استنجا ڪرڻ ۽ پنهنجي بدن ۽ ڪپڙن کي پاڪ رکڻ دشوار آهي، گهڻو ڪري انهي ۾ ٽائيلٽ پيپرز جو استعمال ٿيندو آهي ڪجهه عرصو اڳ يورپ ۾ پردي جي حصن جي مُهلڪ بيمارين خاص طور پردي جي جڳهه جو ڪينسر تيزي سان ڦهلڻ جون خبرون اخبارن ۾ شايع ٿيون تحقيقي بورڊ وينو ۽ نتيجو اهو بيان ڪيو ته ان بيمارين جا ٻه سبب ظاهر ٿيا آهن . ﴿1﴾ ٽائليٽ پيپر جو استعمال ۽ ﴿2﴾ پاڻي جو استعمال نه ڪرڻ .

## ٽائيلٽ پيپر سان پيدا ٿيندڙ بيماريون

ٽائليٽ پيپر ناهڻ لاءِ ڪجهه اهڙا ڪيميڪل استعمال ٿيندا آهن جيڪي جِلد (يعني چمڙي) جي لاءِ انتهائي نقصان ده آهن،

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

ان جي استعمال سان چمڙي جون بيماريون پيدا ٿينديون آهن جيئن ايگزيما ۽ چمڙي جي رنگ بدلجڻ، ”ڊاڪٽر ڪينن ڊيوس“ جو چوڻ آهي: ٽائليٽ پيپرز جو استعمال ڪرڻ وارو انهن بيمارين جي استقبال جي تياري ڪن. ﴿1﴾ پردي جي جڳهہ جو ڪينسر ﴿2﴾ ڀگندر (هڪ قسم جو ڦُٽ جيڪو مَقعَد يعني ويهڻ جي جڳهہ وٽ ٿئي ٿو ۽ گهڻي تڪليف پهچائيندو آهي) ﴿3﴾ چمڙِي جون بيماريون (Skin Infection) ﴿4﴾ ڦهلجندڙ بيماريون (Viral Diseases)

## ٽائليٽ پيپر ۽ گردن جون بيماريون

اَطِبّاء (يعني حڪيمن) جو چوڻ آهي ٽائيلٽ پيپر سان صفائي صحيح ناهي ٿيندي لهٰذا جراثيم ڦهلجڻ ۽ انساني بدن جي اندر وڃي طرح طرح جي بيمارين جو سبب بڻجندا آهن. خاص ڪري عورتن جي پيشاب گاهہ ذريعي گُردن ۾ داخل ٿي ويندا آهن جنهن سبب ڪڏهن ڪڏهن گُردن مان پونءِ اچڻ شروع ٿي ويندي آهي. ها جيڪڏهن ٽائيلٽ پيپر استعمال ڪرڻ کانپوءِ پاڻي سان استنجا ڪيو وڃي تہ ان جو نقصان نہ هجڻ برابر رهجي ويندو.

## سخت زمين تي قضاءِ حاجت ڪرڻ جا نقصان

ڪموڊ ۽ W.C جو استعمال شرعاً جائز آهي. سهولت جي لحاظ سان ڪموڊ جي مقابلي ۾ W.C بهتر آهي جڏهن تہ ڪشادو هجي تہ جيئن سنّت جي مطابق ويهي سگهجي، پر اڄڪلهہ ننڍا

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

W.C لڳايا تا وڃن، جنهن تي ڪشادو ويهي نٿو سگهجي، جيڪڏهن پير رکڻ جي جاءِ فرش سان هموار ڪئي وڃي تہ ضرورت مطابق ڪشادو ويهي سگهجي ٿو، هڪ سنّت نرم زمين تي رفع حاجت ڪرڻ بہ آهي جيئن حديث رسول صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم ۾ آهي: جڏهن توهان مان ڪو پيشاب ڪرڻ چاهي تہ پيشاب جي لاءِ نرم جڳهہ ڳولهي. (الجامع الصغير ص37 حديث 507) ان جي فائدن کي تسليم ڪندي ليول پاول (Louval Poul) چوي ٿو: ”انسان جي بقا مٽي ۽ فنا بہ مٽي آهي جڏهن کان ماڻهن نرم مٽي جي زمين تي قضاءِ حاجت ڪرڻ بدران سخت زمين (يعني W.C ڪموڊ وغيره) جو استعمال شروع ڪيو آهي انهي وقت کان مردن ۾ جنسي(مردانہ) ڪمزوري ۽ پٿري جي بيمارين ۾ اضافو ٿيو آهي سخت زمين تي حاجت ڪرڻ جا اثر مثاني جي غُدود (Prostate Glands) تي بہ پوندا آهن، پيشاب يا فضلو جڏهن نرم زمين تي ڪرندو آهي تہ ان جا جراثيم ۽ تيزابيت فورًا جذب ٿي ويندا آهن جڏهن تہ سخت زمين جذب نہ ڪري سگهندي آهي تنهن ڪري تيزابي ۽ جراثيمي اثر سڌو سئنون جسم تي حملو ڪندا آهن ۽ مختلف بيمارين جو سبب بڻجندا آهن .

## آقا ﷺ پري تشريف وٺي ويندا هئا

مديني جي سلطان، رحمت عالميان صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم جي شان عظمت

نشان تي قربان جو جڏهن قضاءِ حاجت لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا تہ ايڏو پري ويندا هئا جو ڪو نہ ڏسي سگهي. (سنن ابي داؤد ج 1 ص35 حديث 2) يعني يا تہ وڻ يا ديوار جي پويان ويهندا ۽ جيڪڏهن برپٽ ميدان هوندو تہ ايترو پري تشريف وٺي ويندا هئا جتي ڪنهن جي نگاهہ نہ پوي (مراٰة ج 1 ص 262) يقيناً سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر فِعل ۾ دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلائيون پوشيده آهن. پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن هر ماڻهو هڪ لوٽو پاڻي وهائي تہ ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڏپ ۽ جراثيم جي واڌ ويجهہ ۾ گهٽتائي ٿيندي، وڏو پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ بہ جتي هڪ اڌ لوٽو پاڻي ڪافي هجي اتي فلش ٽينڪ مان پاڻي نہ وهايو، ڇو تہ اهو ڪئي لوٽن تي مشتمل هوندو آهي .

## قضاءِ حاجت کان اڳ ۾ هلڻ جا فائدا

اڄڪلهہ خاص ڪري شهرن ۾ بند ڪمرن ۾ بيت الخلاء هوندا آهن، جيڪي جراثيم جي واڌ ويجهہ ۽ ان جي ذريعي ڦهلجڻ وارين بيمارين جا سبب آهن. هڪ بائيو ڪيمسٽري جي ماهر جو چوڻ آهي: جڏهن کان شهرن جي پڪيڙ (ديگهہ)، آبادي ۾ گهٽائي ۽ فصلن ۾ گهٽتائي ٿيڻ لڳي آهي تڏهن کان بيماريون وڌڻ لڳيون آهن، قضاءِ حَاجت جي لاءِ پري وڃڻ ڇڏيو آهي تہ قبض، گيس، تبخير ۽ جگر جون بيماريون وڌي ويون آهن، هلڻ

سان آنڊن جي حرڪت ۾ تيزي ايندي آهي. جنهن ڪري حاجت سولائي سان ٿيندي آهي، اڄڪلهه بنا هلڻ جي (گهر ۾ ئي) بيت الخلاءِ جي ڪري گهڻو ڪري فراغت بہ تاخير سان ٿيندي آهي .

## بيت الخلا وڃڻ جون 47 نيتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم: "مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي ." (المعجم الڪبير للطبراني ج6 ص185 حديث 5942)

۞ مٿو ڍڪي ۞ داخل ٿيڻ مهل کابي پير سان ۽ ۞ ٻاهر نڪرڻ مهل ساڄي پير سان ابتداءَ ڪري اِتباع سنت (يعني سنت جي پيروي) ڪندس ۞ ٻنهي دفعي يعني داخل ٿيڻ کان پهرين ۽ نڪرڻ کانپوءِ مَسنُون دعائون پڙهندس ۞ اونداهي جي صورت ۾ اها نيّت ڪيو طهارت تي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ بتي ٻاريندس ۞ فراغت کان فورًا پوءِ اِسراف سان بچڻ جي نيت سان بتي بند ڪندس ۞ حديث پاڪ ۾ آهي :"اَلطُّهُوْرُ شَطْرُالْاِيْمَان" (صحيح مسلم ص140 حديث 223) **ترجمو:** صفائي نصف ايمان آهي تي عمل ڪندي پيرن کي گندگي کان بچائڻ لاءِ چپل پائيندس ۞ پائڻ مهل ساڄي پير ۽ ۞ لاهڻ مهل کابي پير سان ابتداء ڪري سنّت جي پيروي ڪندس ۞ اوگهڙ ظاهر هجڻ جي صورت ۾ استقبال قبلہ (يعني قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ) ۽ اِستِدبار قِبلہ (يعني قبلي ڏانهن پٺي ڪرڻ) کان بچندس ۞ زمين جي ويجهو ٿي فقط ضرورت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

مطابق اوگهڙ ڪوليندس، انهي طرح فراغت ڪان پوءِ ۞ ويهڻ ڪان پهرين اوگهڙ ڍڪيندس ۞ جيڪو خارج ٿيو ان ڏانهن نہ نهاريندس ۞ پيشاب جي ڦهنگين ڪان بچندس ۞ حياء سبب مٿو جهڪائي رکندس ۞ ضرورتًا اکيون بند ڪندس ۽ ۞ بنا ضرورت شرمگاهہ کي ڏسڻ ۽ ڇهڻ ڪان بچندس ۞ ڪابي هٿ سان ڀتر پڪڙي ڪابي ئي هٿ سان خشڪ (سُڪائي) ڪري ڪابي هٿ سان اوبتو (يعني نجاست وارو حصوزمين ڏانهن) رکندس، پاڪ ڀتر ساڄي پاسي رکندس مُستَحَب تعداد ۾ مثلاً ٽي، پنج، ست ڀتر استعمال ڪندس ۞ پاڻي سان طهارت ڪندي وقت بہ صرف ڪابو هٿ شرمگاهہ کي لڳائيندس ۞ شرعي مسئلن تي غور نہ ڪندس. (جو محرومي جو سبب آهي) ۞ اوگهڙ کُلي هجڻ جي صورت ۾ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندس ۽ ۞ پيشاب وغيره ۾ نہ ٿُڪندس، نہ ئي ان ۾ نڪ صاف ڪندس ۞ جيڪڏهن فورًا حمام ۾ وضو ڪرڻ نہ ٿيو تہ طهارت واري حديث تي عمل ڪندي ٻئي هٿ ڌوئيندس ۽ ۞ جيڪو ڪجهہ نڪتو ان کي پاڻي وهائيندس. (پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن هر شخص هڪ لوٽو پاڻي وهائي تہ ان شاءَالله عَزَّوَجَلَّ ڌپ ۽ جراثيم جي افزائش ۾ گهٽتائي ٿيندي وڌو استنجا ڪرڻ ڪان پوءِ جتي هڪ اڌ لوٽو ڪافي هجي اتي فلش ٽينڪ سان پاڻي نہ وهايو ڇو تہ اهو ڪئي لوٽن تي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

مشتمل هوندو آهي) ۞ پاڻي سان استنجا ڪرڻ ڪانپوءِ پيرن جي پيڏين واري حصي کي احتياط ڪندي ڌوئيندس (ڇو ته انهي موقعي تي عمومًا پيڏين تي گندي پاڻي جون ڦهنگيون لڳن ٿيون) ۞ فارغ ٿي جلدي نڪرندس ۞ بي پردگي کان بچڻ جي لاءِ بيت الخلاءِ جو دروازو بند ڪندس ۞ مسلمانن کي ڏپ کان بچائڻ جي لاءِ فراغت ڪانپوءِ دروازو بند ڪندس .

## عوامي استنجا خاني ۾ وڃڻ مهل اهي نيتون ڪيو

۞ جيڪڏهن لائين ڏگهي هوندي ته صبر ڪري پنهنجي واري جو انتظار ڪندس، ڪنهن جي حق تلفي نه ڪندس، هر هر دروازو وڄائي ڪنهن کي ايذاء نه ڏيندس ۞ منهنجي اندر هئڻ مهل ڪنهن هر هر دروازو وڄايو ته صبر ڪندس ۞ جيڪڏهن ڪنهن کي مون کان وڌيڪ حاجت آهي ۽ سخت مجبوري يا نماز فوت ٿيڻ جو انديشو ناهي ته ايثار ڪندس۞ حتي الامڪان رش جي وقت استنجا خاني ۾ داخل ٿي رش ۾ وڌيڪ اضافو ڪري مسلمانن تي بوجهه نه بڻجندس ۞ در ۽ ديوارن تي ڪجهه نه لکندس ۞ اتي نهيل خراب تصوير ڏسي اکين کي ڏينهن قيامت جي پنهنجي خلاف گواهه نه بڻائيندس ۞ حيا سوز (يعني بي حيائي واريون) تحريرون پڙهي پنهنجي اکين کي قيامت جي ڏينهن گواهه نه بڻائندس .